قرآني بيان

آزادي

هڪ نعمت آهي

مدني مرڪزن (فيضانِ مدينه)
۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

14آگسٽ، 2026ع
(متوقع اسلامي تاريخ 30 صفر، 1448هه)
جي جمعة المبارڪ جو

مدني مرڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
14 آگسٽ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ 30 صفر 1448ھ) جي جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

آزادي هڪ نعمت آهي

هن بيان ۾ توهان جاڻي سگهندؤ...

- ... بني اسرائيل جي غلامي ۽ آزادي جو واقعو
- ... پاڪستان ۽ تحريڪِ آزادي
- ... اسان ۽ جشنِ آزادي
- ... جشنِ آزادي ڪيئن ملهايون؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

صحابيِ رسول حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ پيري جو واقعو آهي ته صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پُرنور چهري تي خوشيءَ جا آثار هئا، صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ان جو سبب پڇيو ته فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان جو جيڪو امتي توهان تي هڪ پيرو درود پڙهندو، مان ان لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گناهہ مٽائيندس ۽ 10 درجا بلند فرمائيندس.[1]

اُن پر دُرود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بيوس جي سار لهڻ وارا آهن، انهن تي درود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مسند امام أحمد، مسند المدنيين، حديث ابو طلحة زيد بن سهل ...الخ، جلد:6، صفحہ:625، حديث:16795۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَاِذْ نَجَّيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿۴۹﴾ وَاِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۵۰﴾

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

ترجموڪنزالعرفان: ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان توهان کي فرعونين کان نجات ڏني جيڪي توهان کي تمام برو عذاب ڏيندا هئا، توهان جي پٽن کي ذبح ڪندا هئا ۽ توهان جي ڏيئرن کي زندهه ڇڏي ڏيندا هئا ۽ ان ۾ توهان جي رب جي طرف کان وڏي آزمائش هئي. ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان توهان جي لاءِ درياء کي چيري وڏو پوءِ اسان توهان کي بچائي ورتو ۽ فرعونين کي توهان جي اکين جي سامهون غرق ڪري ڇڏيو.

آيت سڳوري جي مختصر وضاحت

پيارا اسلامي پائرو! اسان پاري: 1، سوره بقره جي آيت نمبر 49 ۽ 50 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. سوره بقره جي آيت نمبر 40 کان بني اسرائيل متعلق ڪلام شروع ٿيو هو، پهريان به عرض ڪيو ويو آهي ته پهرين سپاري جا تقريباً 11 رڪوع بني اسرائيل بابت ئي آهن، انهن کي تفصيل سان نيڪي جي دعوت ڏني وئي، ايمان قبول ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو، سندن اسلام بابت جيڪي به شڪ و شبها هئا، انهن جو تفصيل سان جواب ڏنو ويو.

بني اسرائيل کي ايمان جي دعوت ڏيڻ جا جيڪي مختلف انداز اختيار

ڪيا ويا، انهن مان هڪ هي آهي تہ انهن تي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن تي جيڪي الله پاڪ جا انعام ٿيا، اهي ڪين ياد ڏياريا ويا ۽ فرمايو ويو تہ انهن نعمتن جو شڪر ادا ڪريو! ۽ ايمان قبول ڪري دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي حاصل ڪريو! آيت: 49 کان انهن ئي انعامن جو ذڪر شروع ٿي رهيو آهي.

سڀ کان پهريان جنهن انعام جو ذڪر ڪيو ويو، اهو بني اسرائيل جي آزادي آهي. اهو واقعو ڇا آهي؟ اچو! پهريان اهو واقعو ٻڌون ٿا، پوءِ آيت سڳوري ٻڌنداسين.

بني اسرائيل جي غلامي ۽ آزادي جو واقعو

بني اسرائيل جو آبائي وطن ملڪِ شام ۾ ڪَنْعان نالي علائقو هو، جڏهن حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَامُ مصر تشريف کڻي آيا، هتي پاڻ نبوت جو اعلان فرمايو، اهلِ مصر کي ڪفر ۽ شرڪ کان روڪيو، انهن کي الله پاڪ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ جي عبادت ڏانهن سڏيو، الله پاڪ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَامُ کي عزيزِ مصر (يعني مصر جي وزيراعظم) جو عهدو عطا ڪيو، ان وقت جي بادشاهہ ۾ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَامُ تي ايمان آندو ۽ فرمانبردار ٿي ويو، ان وقت حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَامُ جا والد حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَامُ، 11 پاڻُ ۽ باقي گهر وارا مصر تشريف کڻي آيا.

بني اسرائيل حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَامُ جو اولاد هئا ۽ مصر جي وزيراعظم يعني حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَامُ جي خاندان وارا ۾ هئا، تنهنڪري مصر ۾ بني اسرائيل جي تمام گهٽي عزت هئي، سندن مقام ۽ مرتبو هو، ماڻهو سندن احترام ڪندا هئا. آخر حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَامُ دنيا مان پردو فرمايو، وقت گذرندو ويو، صديون گذرڻ کان پوءِ مصر جي حڪومت هڪ انتهائي مغرور ۽ سرڪش

شخص جي هٿ ۾ آئي، ان جو نالو هو: وَلِيْد بِن مُصْعَب ۽ لقب هو: فرعون. ان بدبخت خدائيءَ جي دعويٰ ڪئي ۽ بني اسرائيل کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو. (1)

گدا کو بادشاہ یا بادشاہوں کو گدا کر دے
میرے مالِک تُو جب چاہے کسی کو کیا سے کیا کردے

هي بہ قدرت جي هڪ عجيب نشاني آهي، الله پاڪ جنهن کي چاهي ٿو بادشاهي عطا ڪري ٿو، ۽ جنهن کي چاهي ٿو غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏي ٿو.

وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَ تُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ ؕ

ترجموڪنز العرفان: ۽ تون جنهن کي چاهيندو آهين عزت ڏيندو آهين ۽ جنهن کي چاهيندو آهين ذلت ڏيندو آهين. (پاره: 3، آلِ عمران: 26)

کسی کو تاجِ وقار بخشے، کسی کو ذِلّت کے غار بخشے
جو سب کے ماتھے پہ مُہرِ قُدرت لگا رہا ہے، وہی خُدا ہے

بني اسرائيل ڪيترن ئي سالن تائين فرعون جي غلامي ۾ زندگي گذارينديا رهيا. آخر ربِ رحمان کي انهن جي آزادي منظور ٿي ۽ الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي نبي بڻائي موڪليو. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرعون کي حق جي جيڪا دعوت ڏني، بنيادي طور تي ان دعوت جا 2 موضوع هئا: (1): فرعون جيڪو خدائي جي دعويٰ ڪندو آهي، اهو پنهنجي ان دعويٰ کان توبہ ڪري،

[1]...تفسير نعيمي، پاره:1، البقرة، جلد:1، صفحه:328و370خلاصةً۔

ٻانهو آهي، ٻانهو ٻڌجي، الله پاڪ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْك جي بارگاهه ۾ سر جهڪائي ۽ الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ اچي وڃي. (2): فرعون بني اسرائيل کي ناحق پنهنجو غلام ٻڌائي ورتو آهي، انهن کي غلامي مان آزاد ڪري ڇڏي. قرآنِ ڪريم ۾ آهي،

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو:

قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۱۰۵﴾

ترجمو كنز العرفان: بيشڪ مان توهان سمورن وٽ توهان جي رب جي طرف کان نشاني کڻي آيو آهيان پوءِ بني اسرائيل کي مون سان گڏ وڃڻ ڏي.

(پاره: 9، الاعراف: 105)

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي ان دعويٰ تي دليل ڏنا، معجزا ڏيکاريا، فرعون ۽ ان جي قوم کي سمجهايو پر فرعون ضدي هو، ضدي ئي رهيو، سرڪش هو، سرڪش ئي رهيو، ان جي مٿي تي طاقت جو، سلطنت جو، تاج ۽ تخت جو پوت سوار هو، ان بدبخت حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي نافرماني ڪئي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ۾ گستاخيون ڪيون، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ بني اسرائيل کي تڪليفون پهچائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي، مَعَاذَ الله حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي شهيد ڪري ڇڏڻ جا منصوبا جوڙيا. جڏهن فرعون تمام حدون پار ڪري ويو، پنهنجي ڪفر ۾ بلڪل ڊيڊ ٿي ويو ۽ بني اسرائيل کي آزاد ڪرڻ تي ڪنهن به طرح تيار نه ٿيو ته الله پاڪ فرعون کي ان جي لشڪر سميت درياهه ۾ غرق ڪري ڇڏيو ۽ اهو هميشه هميشه جي لاءِ جهنم

جو بارڻ بڌجي ويو.[1] ائين حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جي صدقي ۾ بني اسرائيل کي آزادي جي نعمت نصيب ٿي وئي.

آيت سڳوري جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪفر جي غلامي مان، غير مسلمن ۽ ظالمن جي غلامي مان آزادي ملڻ الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي. ان ئي انعام جو ذڪر ڪندي رب رحمٰن فرمايو:

وَاِذْ

معرفة القران: ۽ جڏهن (پاره: 1، البقره: 49)

يعني اي بني اسرائيل! ياد ڪريو...!! چا؟

نَجَّيْنٰكُمْ

معرفة القران: اسان نجات ڏني توهان کي. ڪنهن کان نجات ڏني؟ (پاره: 1، البقره: 49)

مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ

معرفة القران: فرعون وارن کان. (پاره: 1، البقره: 49)

يعني فرعون ۽ ان جي قوم کان نجات ڏني. اهي بدانجام چا ڪندا هئا؟

يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ

معرفة القران: توهان کي پهچائيندا هئا بيڇو عذاب.

---

[1]...تفصيل کے لئے ديکهئے: پاره:9، الاعراف، آيت:104تا137۔

فرعونين بني اسرائيل تي تمام گھٽيون سختيون ڪري رکيون هيون ◈ سندن ٻارن کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو هو ◈ سندن عورتون فرعوني عورتن جون خادماڻيون هيون ◈ سندن نوجوانن کان سخت اوکا ڪم ورتا ويندا هئا ◈ غريبن تي ڳرا ٽيڪس مقرر هئا ◈ اسرائيلي ٻڌڑا سرون ناهيندا ۽ فرعونين جا گھر تعمير ڪندا هئا ◈ پوڙهيون عورتون انهن لاءِ سُٽ مان ڪپڙو تيار ڪنديون هيون، غرض ته فرعوني بني اسرائيل تي وڏا ظلم ڪندا هئا۔[1] انهن مان هڪ ظلم هي هو ته:

يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ

معرفةالقران: اهي ذبح ڪندا هئا توهان جا پٽ ۽ زندهه ڇڏي ڏيندا هئا توهان جون عورتون ۽ نياڻيون. (پاره: 1، البقره: 49)

هيءَ تمام سخت مصيبت هئي جو ته چوڪرن کي ذبح ڪري ڇڏڻ سان بني اسرائيل جو نسل خطري ۾ هو، هونئن به مردن کان سواءِ عورتن جي زندگي تمام ڏکي هوندي آهي، سندن عزت خطري ۾ رهندي آهي ۽ فرعوني نندڙن ٻارن کي ذبح ڪندا هئا، تنهنڪري ان سان سندن مائرن جي دلين تي به خنجر هلندا هئا، سخت صدمو پهچندو هو. الله پاڪ فرمايو:

وَ فِیْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِیْمٌ ﴿۴۹﴾

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ان ۾ توهان جي ربّ جي طرفان وڏي آزمائش هئي. (پاره: 1، البقره: 49)

يعني اي بني اسرائيل! فرعونين جي انهن ظلمن ۾ توهان جو تمام سخت

[1]...تفسير نعيمي، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:49، جلد:1، صفحه:369 خلاصةً۔

امتحان هو، توهان وڏين مشڪلاتن ۾ گهيريل هئا، پوءِ ڇا ٿيو؟ الله پاڪ بني اسرائيل جي نجات لاءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليو، پاڻ فرعون کي ايمان جي دعوت ڏني، فرعون نہ مجي، ڪيترن ئي سالن جي نيڪي جي دعوت کان پوءِ آخر حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي حڪم سان بني اسرائيل کي ونی راتون رات مصر مان روانا ٿي ويا، فرعون کي خبر پئي تہ اهو بہ 70 هزار جو لشڪر ونی پويان اچي ويو، هاڻي وڏي مشڪل ٿي وئي، سامهون درياهہ نيل هو، پويان فرعون جي فوج هئي، وچ ۾ بني اسرائيل هئا، اهڙي مشڪل وقت ۾ الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو: اي موسيٰ! درياهہ تي پنهنجي عصا مبارڪ هڻو! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جيئن ئي پنهنجي لٹ مبارڪ درياهہ تي هنئي، فوراً درياهہ جو پاڻي ديوارن وانگر بيهي ويو، ان ۾ 12 رستا بڻجي ويا، بني اسرائيل انهن رستن تان آرام سان گذري ويا، فرعون جي فوج بہ پويان پويان درياهہ ۾ داخل ٿي وئي، هيڏانهن بني اسرائيل درياهہ جي ٻئي ڪناري کان ٻاهر نڪتا، هوڏانهن فرعون جي فوج درياهہ ۾ (وچ تائين) داخل ٿي وئي، ان ئي وقت درياهہ جو پاڻي ٻيهر پاڻ ۾ ملي ويو ۽ فرعون پنهنجي فوج سميت درياهہ جي اندر غرق ٿي ويو.[1] الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَاِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ وَاَغْرَقْنَاۤ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان توهان جي لاءِ درياء کي چيري وڏو پوءِ اسان توهان کي بچائي ورتو ۽ فرعونين کي توهان جي اکين جي سامهون غرق ڪري ڇڏيو. (پاره: 1، البقره: 50)

هي هڪ عظيم انعام هو جيڪو بني اسرائيل تي ڪيو ويو، ڪين فرعون

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:50، جلد:1، صفحه:123 خلاصةً۔

جي غلامي مان آزادي عطا فرمائي وئي.

پاڪستان ۽ تحريڪِ آزادي

پيارا اسلامي پائرو! انهن آيتن کي سامهون رکي اسان پنهنجي متعلق ٿورو غور ڪريون. هاڻي ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ اسان جي به آزادي جو ڏينهن اچڻ وارو آهي، 14 آگسٽ 1947ع تي الله پاڪ اسان کي پنهنجو آزاد ملڪ عطا فرمايو. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته بني اسرائيل جي آزادي ۾ ۽ پاڪستان جي آزادي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، بني اسرائيل کي فرعون کان آزاد ڪرائڻ وارا الله پاڪ جا نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هئا ۽ پاڪستان جي آزادي لاءِ ڪوشش ڪرڻ وارا نبي نه هئا بلڪ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا غلام ۽ امام الانبياء، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا مڃڻ وارا هئا، ڪوبه غيرِ نبي هرگز هرگز نبيءَ جي برابر نٿو ٿي سگهي، ان ڪري بني اسرائيل جي آزادي ۾ ۽ پاڪستان جي آزادي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي پر بني اسرائيل جي آزادي ۾، آزادي کان پوءِ انهن جي ڪردار ۾ اسان لاءِ عبرت ۽ نصيحت آهي، ان مان اسان کي خبر پوي ٿي ته ◈ آزادي ڇئبو ڇا کي آهي؟ ◈ آزادي ملڻ تي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ◈ آزادي ملڻ کان پوءِ زندگي جو انداز ڪيئن هجڻ گهرجي؟

ٿورو پاڪستان جي آزادي جي تاريخ تي نظر وجهو! 1857ع ۾ آزادي لاءِ پهرين اجتماعي ۽ منظم ڪوشش ڪئي وئي، ان آزادي لاءِ سڀ کان پهريان جنهن آواز اٺاريو هو، اهي هئا: تمام وڏا عاشقِ رسول، ماهر عالمِ دين حضرت علامه فضلِ حق خير آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، آزادي جي ان پهرين ڪوشش ۾ تقريباً 22

هزار علماءِ ڪرام شهيد ٿيا.[1]

ان سان ۽ مسلمانن جا حوصلا پست نہ ٿيا، مسلمان مسلسل ڪوششون ڪندا رهيا، عاشقِ رسول علماءِ ڪرام ڏينهن رات محنت ڪندا رهيا ◈ صدر الافاضل مولانا نعيم الدين مراد آبادي ◈ مفتي احمد يار خان نعيمي ◈ خليفہ اعليٰ حضرت مولانا عبد العليم ميرٹي ◈ مولانا ديدار علي شاهہ ◈محدثِ اعظم هند محدث ڪچوڇوي ◈ محدث علي پوري ◈ ابو الحسنات سيد احمد قادري ◈ علامہ عبد الغفور هزاروي ◈ علامہ عبد الستار خان نيازي ◈ خواجہ قمر الدين سيالوي ◈ پير جماعت علي شاهہ ◈ پير صاحب مانڪي شريف ◈ پير صاحب زڪوڙي شريف رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِم اجمعين ۽ انهن کان علاوه سوين علماء ۽ مشائخِ اهلسنت تحريڪِ پاڪستان ۾ پرپور حصو ورتو[2] برصغير جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ تقريرون ٿيٽ لڳيون، نظم پڙهيا وڃڻ لڳا، مسلمانن جي دلين ۾ پاڪستان جي محبت وڌي وئي بلڪ علماءِ اهلسنت جي باري ۾ تہ ڪتابن ۾ ايستائين ۽ لکيل آهي تہ 1946ع ۾ جڏهن تحريڪِ پاڪستان پنهنجي آخري مرحلن ۾ هئي، ان وقت علماءِ ڪرام گهر گهر وڃي ۽ دعوتون ڏنيون ۽ مسلمانن ۾ هڪ آزاد اسلامي ملڪ جي محبت بيدار ڪئي (جاڳائي).[3]

آخر بزرگن جون دعائون قبول ٿيون، علماء ۽ مشائخ، عوام ۽ مسلم اڳواڻن جي ڪوششن رنگ لاتون ۽ 14 آگسٽ، 1947ع تي رمضان المبارڪ جي 27 هين رات هئي، اهڙن بابرڪت گهڙين ۾ رات جو 12 وڳي اعلان ٿي ويو: اَلْحَمْدُلِلّٰه! مسلمانن جو الڳ اسلامي ملڪ پاڪستان وجود ۾ اچي چڪو آهي.

---

[1]...تحريڪ آزادی1857ءميں علماکا مجاہدانہ کردار، صفحہ:27و 29ملتقطاً۔

[2]... تحريڪ پاڪستان ميں علماء ڪرام کا ڪردار، صفحہ:211تا212 خلاصۃً۔

[3]... تحريڪ پاڪستان ميں علماء ڪرام کا ڪردار، صفحہ: 239 خلاصۃً۔

کبریا کا لُطف تھا اور رحمتِ شاہِ زمَن | ہم کو سینتالیس میں حاصِل ہوا اپنا وَطن
ہم پہ جِدّ و جُہدِ آزادی میں تھے سایہ فگَن | اَولیائے اُمَّتِ اَحْمَد، صحابہ، پنج تَن
اہلسنت و الجماعت کی مقاصِد سے لگن | رَنگ کیسے لے نہ آتی، کیوں نہ مِل جاتا وطن
سینکڑوں پیروں، ہزاروں عالموں کی دوڑ دھوپ | تھی نتیجہ خیز، ہم نے لے لیا اپنا وطن

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پاکستان الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ◈ جنهن طرح بني اسرائيل کي فرعون کان آزادي ملڻ هڪ وڏي نعمت هئي، اهڙي طرح اسان کي غير مسلم حڪومتن کان نجات ملڻ ۾ ربِ ڪريم جو تمام وڏو انعام آهي ◈ جيئن بني اسرائيل ايمان وارا هئا پر فرعون جي حڪومت جي زير اثر رهي رهيا هئا، اهڙي طرح مغليه سلطنت جي زوال کان پوءِ برصغير تي غير مسلمن جي حڪومت آئي، مسلمان انهن جي ماتحت ٿي ويا، هاڻي مسلمانن کي انهن جي جوڙيل قانونن مطابق زندگي گذارڻي پوندي هئي، ظاهر آهي ته غير مسلم جيڪي قانون جوڙيندا اهي قرآن ۽ سنت مطابق ته نه هوندا ◈ ان ڪري مسلمانن کي قرآنِ ڪريم تي ◈ سنتن تي ◈ پنهنجي دين جي تعليمات تي آزاديءَ سان عمل ڪرڻ ۾ ڏکيائيون هيون، حڪومت جڏهن چاهيندي هئي، جنهن ديني مسئلي ۾ چاهيندي هئي رڪاوٽ وجهي ڇڏيندي هئي ◈ نماز پڙهڻ ۾ مشڪلاتون هيون ◈ روزا رکڻ ۾ مشڪلاتون هيون ◈ قرباني ڪرڻ ۾ ڏکيائيون هيون ◈ مسلمان قرضن جي بار هيٺان دٻيا پئي ويا ◈ آخر جيئن بني اسرائيل تي ڪرم ٿيو، انهن کي آزادي جي نعمت ڏني وئي، ائين ئي ربِ رحمٰن پنهنجي

محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اسان کي به آزادي جي نعمت سان مالا مال فرمايو ۽ اسان کي آزاد ملڪ عطا ڪري ڇڏيو.

آزادي کان پوءِ بني اسرائيل جا حالات

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ بني اسرائيل کي فرعون کان ۽ فرعون جي ظلم و ستم کان آزادي عطا فرمائي، هاڻي انهن کي گهرجي ها ته هو الله پاڪ جي هن نعمت جو شڪر ادا ڪن ها، الله پاڪ جي بارگاهِ ۾ جهڪي وڃن ها، الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪن ها، الله پاڪ جا احڪام دل و جان سان تسليم ڪن ها پر بني اسرائيل ناشڪري ڪئي. ◈ جڏهن فرعون غرق ٿيو، بني اسرائيل ان کي غرق ٿيندي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو، پر هتان کان ٿورو ئي اڳتي ويا ته ڏٺائون: هڪ قوم آهي جيڪا ڪوڙن خدائن جي پوڄا ۾ مصروف آهي، شرڪ ڪري رهي آهي، هي ڏسي بني اسرائيل چيو:

قَالُوْا یٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَاۤ اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ اٰلِهَةٌ

ترجمو ڪنزالعرفان: (بني اسرائيل) چيو: اي موسيٰ! اسان جي لاءِ به هڪ اهڙو ئي خدا بڻايو جيئن هنن جي لاءِ ڪيئي معبود آهن. (پاره: 9، الاعراف: 138)

الله اڪبر! اڄا هڪ ڪافر جو انجام ڏسي اچي رهيا آهن ۽ جرات ڏسو ته الله پاڪ جي نبي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ کان شرڪ جي اجازت گهري رهيا آهن.

◈ الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ کي تورات شريف عطا فرمائڻ لاءِ ڪوهِ طور تي گهرايو، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ 40 ڏينهن ڪوهِ طور تي تشريف فرما رهيا، پويان بني اسرائيل ڦٽڪي ويا، سامري نالي هڪ جادوگر انهن لاءِ ڏاتو

جو هڪ گابو ناهيو، بني اسرائيل ان گابي کي ئي خدا مڃي ورتو. [1]

◈ بني اسرائيل کي تورات شريف عطا ڪيو ويو، انهن ان تي عمل ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو، الله پاڪ ڪوهِ طور کي پاڙ کان ڪٽي انهن جي مٿن تي لٽڪائي ڇڏيو ۽ فرمايو:

خُذُوْا مَاۤ اٰتَیْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّ اذْكُرُوْا مَا فِیْهِ

ترجمو ڪنز العرفان: مضبوطي سان پڪڑيو ان (ڪتاب) کي جيڪو اسان توهان کي عطا ڪيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ بيان ڪيو ويو آهي ان کي ياد ڪريو. (پاره: 1، البقره: 63)

ان وقت ان ڊپ کان تہ ڪوهِ طور اسان جي مٿان نہ ڪيرايو وڃي، انهن تورات شريف تي عمل ڪرڻ جو واعدو ڪري ورتو پر پوءِ پنهنجي واعدي تان ڦري ويا. [2]

غرض؛ آزادي جيڪا هڪ وڏي نعمت هئي، بني اسرائيل کي گهرجي ها تہ ان جو شڪر ادا ڪن ها پر انهن نافرماني ڪئي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جي نافرماني ڪئي، الله پاڪ جي ڪتاب تورات شريف تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪيو، آخر انهن تي الله پاڪ جو غضب ٿيو ۽ مٿن ذلت مسلط ڪئي وئي، الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ ضُرِبَتْ عَلَیْهِمُ الذِّلَّةُ وَ الْمَسْكَنَةُ ؕ وَ بَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ

---

[1]...تفصيل کے لئے ديکهئے: پاره:16، سورۂ طٰہٰ، آيت:77تا87۔

[2]...تفصيل کے لئے ديکهئے: پاره:1، البقرة، آيت:63تا64۔

ترجمو كنز العرفان: ۽ انهن تي ذلت ۽ غربت مسلط كئي وئي ۽ اهي خدا جي غضب جا مستحق ٿي ويا۔ (پاره: 1، البقره: 61)

بني اسرائيل تي اها ذلت ۽ مسلط كئي وئي، انهن تي الله پاڪ جو غضب ۽ ٿيو، ان جو سبب به الله پاڪ گڏوگڏ بيان فرمائي ڇڏيو، ارشاد ٿئي ٿو:

ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ

ترجموكنز العرفان: (۽) اها ان كري هئي جو انهن نافرماني كئي ۽ اهي مسلسل سركشي كري رهيا هئا۔ (پاره: 1، البقره: 61)

جو کچھ ہیں وہ سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتوت

شکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت سے گلہ ہے

دیکھے ہیں یہ دِن اپنی ہی غفلت کی بدولت

سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام برا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اسان ۽ اسان جا حالات

پيارا اسلامي پائرو! بني اسرائيل جي هن منفي كردار كي سامهون ركي اسان ٿورو پنهنجي حالات جو به جائزو وٺون. الله پاڪ اسان كي آزاد ملك عطا فرمايو، يقيناً پاكستان ربِ ذيشان جو تمام وڏو احسان آهي پر اسان پنهنجو جائزو وٺون ته اسان هن نعمت جو كيترو قدر كري رهيا آهيون. اسان جي علماءِ كرام پاكستان جي لاءِ جيكي قربانيون ڏنيون، تقريباً 30 لک

ماڻهو شهيد ٿيا، [1]اهي قربانيون ان لاءِ هيون ته جيئن اسان اسلامي تهذيب ۽ ثقافت (Culture) کي آزادي سان اپنائي سگهون، قرآن ڪريم، حديث شريف ۽ اسلامي تعليمات تي آزادي سان عمل ڪري سگهون ◈ چا اسان ان تي پورو لهون ٿا؟ ◈ چا اسان جو اٿڻ ويهڻ، اسان جا رنگ ڍنگ، اسان جا طور طريقا اسلامي آهن؟ ◈ پاڪستان آزاديءَ سان نمازون پڙهڻ لاءِ بڻايو ويو هو، چا اسان نماز پڙهون ٿا؟ ◈ پاڪستان آزاديءَ سان روزا رکڻ لاءِ بڻايو ويو هو، چا اسان رمضان جا روزا رکون ٿا؟ ◈ پاڪستان آزاديءَ سان تلاوت ڪرڻ، آزاديءَ سان قرآني تعليمات تي عمل ڪرڻ، آزاديءَ سان سنتون اپنائڻ لاءِ بڻايو ويو ◈ ان لاءِ بڻايو ويو ته جيئن اسان ڏاڙهي رکون ته ڪو اسان تي اعتراض نه ڪري ◈ اسان سنت مطابق لباس پايون ته ڪو اسان ڏانهن آڱر نه کڻي ◈ اسان نماز پڙهون، عمامو پايون، هٿ ۾ تسبيح کڻون ته ڪو اسان تي طنز نه ڪري ◈ اسان جون مائرون ڀينرون شرعي پردو ڪن، چادر ۽ چار ديواريءَ ۾ رهن ته ڪو آڱر نه کڻي، ڪو ان جو مذاق نه اڏائي. انصاف سان چئجو! چا اسان اهو سڀ ڪريون ٿا؟ ◈ چا اسان جي چهري تي سنت مطابق هڪ مٺ ڏاڙهي شريف آهي؟ ◈ چا اسان سنت مطابق لباس پايون ٿا؟ ◈ چا اسان اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جي تصوير بڻجي سگهيا آهيون؟ ◈ چا اسان جون مائرون، ڀينرون، ڌيئرون شريعت مطابق پردو ڪن ٿيون؟

۽ جڏهن ڪو عاشقِ رسول اسلامي طور طريقا اپنائي ٿو ته چا معاشري (Society) ۾ ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو؟ يا ان تي طنز جا زهريلا تير وسايا ويندا آهن؟

---

[1]... تخلیق پاکستان میں علماء اہلسُنّت کا کردار، صفحہ:150۔ جمعیت اشاعت اہل سنت

اسان ۽ جشنِ آزادي

افسوس...!! اڄ 79 سال ٿيڻ وارا آهن پر مجموعي طور تي ڏٺو وڃي تہ اسان پاڪستان جي مقصدن کي پورو نہ ڪري سگهيا آهيون، يومِ آزادي اصل ۾ يومِ تشڪر (شڪر ادا ڪرڻ جو ڏينهن) آهي، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عاجزيءَ سان سجدو ڪرڻ ۽ ان جو شڪر ادا ڪرڻ جو ڏينهن آهي پر اسان جي معاشري ۾ يومِ آزادي بہ گناهن سان پريل انداز ۾ ملهايو ويندو آهي ◈ جشنِ آزادي جي نالي تي گانا هلايا ويندا آهن ◈ ميوزڪ وڄايو ويندو آهي ◈ بيهودا رقص ٿيندا آهن ◈ رڙيون ۽ واويلا ٿيندا آهن ◈ ڦٽاڪا ڦاڙيا ويندا آهن ◈ بيهودگيءَ سان باجا وڄايا ويندا آهن ◈ نوجوان گهٽين ۾ رستن تي هلڻ بازي ڪندا آهن ◈ رستن تي ون ويلنگ (One Wheeling) ڪري موت جي راند کيڏي ويندي آهي ◈ کيترائي نادان جيڪي پنهنجي والدين جي پوڙهاپ جو اڪيلو سهارو هوندا آهن، ان ون ويلنگ جي نشي ۾ مست ٿي موت جو شڪار ٿي ويندا آهن◈ شراب پيتو ويندو آهي ◈ نشي واريون شيون دل کولي استعمال ڪيون ويندیون آهن. آهہ! افسوس...!! ڇا اسان کي پاڪستان ان لاءِ مليو هو؟ ڇا اسان کي هن نعمت سان ان ڪري نوازيو ويو هو؟

وَائے ناکامی مَتاعِ کارواں جاتا رہا | کارواں کے دِل سے اِحساسِ زِیاں جاتا رہا[1]

وضاحت: افسوس! اسان جو ساز و سامان (مثلاً عزت، ترقي، ڪاميابي، عروج وغيره) سڀ تباهہ و برباد ٿيندو پيو وڃي ۽ مصيبت تہ اها آهي تہ اسان نادانن کي ان تباهيءَ جو احساس بہ ناهي.

[1]...کلیات اقبال، بانگ درا، صفحہ:214۔

پيارا اسلامي پائرو! بني اسرائيل کي آزادي عطا ڪئي وئي، انهن هن نعمت جي قدر نہ ڪيو، ان جو شڪر ادا نہ ڪيو، الله پاڪ جي نافرمانيءَ تي سندرو ٻڌي بيٺا، مٿن ذلت مسلط ڪئي وئي، ڪٽي ائين نہ ٽئي تہ اسان بہ ناشڪري ڪريون، آزاديءَ جي هن نعمت جو قدر نہ ڪريون تہ اسان تي بہ ذلت مسلط ڪئي وجي. ان ڪري اسان کي هوشيار ٽيڻ گهرجي.

ٻيڙوهي تباهيءَ جي ويجهو اچي لڳو آهي

ڊاڪٽر اقبال چيو هو:

میں تجھ کو بتاتا ہوں تاریخِ اُمَم کیا ہے | شمشیر و سِناں اوّل، طاؤس و رُباب آخر (1)

وضاحت: شمشير و سنان: تلوار ۽ نيزا. طاؤس و رُباب: يعني ناچ گانو. مطلب هي آهي تہ قومون پهريان خواب ڏسنديون آهن، ترقي، عروج ۽ ڪاميابي جي لاءِ جذبو ڏيڪاريندیون آهن، جنون هوندو آهي، بلندي ۽ عروج لاءِ ڏينهن رات محنت ٽيندي آهي، تڏهن الله پاڪ انهن جي محنتن جو صلو عطا فرمائيندو آهي، انهن کي ترقي عطا ڪئي ويندي آهي، ايستائين جو قومون بلندي ۽ عروج ۾ ستارن تائين وجي پهچنديون آهن، پوءِ هڪ وقت ايندو آهي تہ ماڻهو الله پاڪ جي نعمت وساري ويهندا آهن، غرور ۽ تڪبر انهن جي مٿي تي سوار ٽيندو آهي، گناهہ، نافرماني، عياشي، فضوليات ۾ حد ڪان وڌي ويندا آهن، تڏهن مٿن الله پاڪ جو غضب نازل ٽيندو آهي ۽ انهن کي ٻيهر زوال جي گهري کڏ ۾ اڇلايو ويندو آهي. قومن جي اها ئي تاريخ آهي.

یاخدا! پاک وطن کی تُو حفاظت فرما | فضل کر اس پہ سدا سایۂ رحمت فرما
اس کو تُو قلعۂ اسلام بنادے یاربّ! | میرے پیارے وطنِ پاک پہ رحمت فرما

---

[1]...کلیاتِ اقبال، بال جبریل، صفحہ:382۔

ہائے! بدمست گناہوں میں ہوئے اہلِ وطن | یاخدا! سب کو عطا نیک ہدایت فرما
بچے بچے ہو نمازی مرے پاکستاں کا | اور عطا جذبۂ پابندیِ سُنّت فرما
شکر صَد شکر غلامی سے ملی آزادی | پھر عنایت ہمیں کھوئی ہوئی شوکت فرما[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

جشنِ آزادي کيئن ملهايون؟

اڄ يومِ آزادي آهي، هي اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن مسلمانن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جانين جو نذرانو ڏنو هو. هڪ اندازي مطابق جڏهن پاڪستان ٻڌيو، ان وقت 30 لک مسلمان شهيد ٿيا هئا.[2]

شہید تم سے یہ کہہ رہے ہیں، لہو ہمارا بُھلا نہ دینا
قسم ہے تم کو اے سرفروشو! لہو ہمارا بُھلا نہ دینا

وُضو ہم اپنے لہو میں کر کے خُدا کے ہاں سُرخرُو ہیں ٹھہرے
ہم عہد اپنا نباہ چلے ہیں، تم عہد اپنا بُھلا نہ دینا

اي عاشقانِ رسول! هي ڏينهن انهن شهيدن جي ورسي جو ڏينهن آهي، ورسي جي ڏينهن ميوزڪ ناهي وڄايو ويندو، قرآنِ ڪريم پڙهي، روزا رکي، فاتحه خواني ڪري پنهنجي شهيدن ۽ فوت ٿيلن کي ايصالِ ثواب ڪيو ويندو آهي. خوب عبادت ڪريو، شڪراني جا نفل پڙهو ۽ پاڪستان جي لاءِ شهيد ٿيندڙ عاشقانِ رسول کي ايصالِ ثواب ڪريو. الله پاڪ اسان سيني کي هدايت

---

[1]...وسائلِ فردوس، صفحہ:12و 13 ملتقطاً۔
[2]... تخلیقِ پاکستان میں علماء اہلسُنّت کا کردار، صفحہ:150۔ جمعیت اشاعت اہل سنت

نصيب فرمائي، شيطان جي غلامي ۽ نفس جي غلامي کان نجات عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یاخُدا! پاک وطن کی تُو حِفاظت فرما	فضل کر اس پہ سدا سایۂ رحمت فرما
اس کو تُو قلعۂ اسلام بنا دے یارَبّ!	مرے پیارے وَطنِ پاک پہ رحمت فرما
آج ہے امن وطن کا مرے پارہ پارہ	پھر مہیا مرے مولیٰ! اسے راحت فرما
ہائے بدمست گناہوں میں ہوئے اہلِ وطن	یاخُدا! سب کو عطا نیک ہدایت فرما
بچہ بچہ ہو نمازی مرے پاکستاں کا	اور عطا جذبۂ پابندیٔ سُنت فرما[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مدني قافلي ۾ سفر ڪريو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي ۾ جشنِ آزادي ملهائي ٿي پر دعوتِ اسلامي جو انداز نرالو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ◈ جشنِ آزادي جي موقعي تي قافلا سفر ڪندا آهن، هزارين عاشقانِ رسول قافلن ۾ سفر ڪري شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ وڃي دين جي ◈ قرآن ۽ سنت جي تبليغ ڪندا آهن ◈ پاڻ ۾ نمازون پڙهندا آهن ◈ ٻين کي ۾ نمازن جي دعوت ڏئي مسجد ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ◈ قرآنِ ڪريم جو ۽ سنتن جو فيضان عام ڪندا آهن ◈ عشقِ رسول جي شمع دلين ۾ روشن ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش هوندي آهي ◈ ائين عاشقانِ رسول دين سکي، ٻين کي سيکاري حقيقي غلامانِ مصطفيٰ بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ٻين کي ۾ ان راهه جو مسافر بڻائيندا آهن.

---

[1] ... وسائل فردوس، صفحه:12و 13 ملتقطًا۔

اي عاشقانِ رسول! توهان به ذهن بٹايو، حقيقي غلامِ رسول بڻجڻ لاءِ، تحريڪِ آزادي جي شهيدن جي ايصالِ ثواب لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ قافلن ۾ سفر ڪريو ۽ آزادي جي نعمت جو شڪر ادا ڪريو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي پائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي (IT) ڊپارٽمينٽ طرفان تمام فائديمند موبائل ايپليڪيشن بنام "فيضانِ حديث" (Faizan e Hadees) متعارف ڪرائي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان کي حديث پاڪ جا مشهور ڪتاب مثلاً ◈ مشڪاة المصابيح ۽ ان جي اردو شرح مرآة المناجيح ◈ الاربعين النووية اردو ترجمي ۽ شرح سان گڏ ◈ رياض الصالحين اردو ترجمي ۽ شرح سان گڏ ◈ اربعين حنفيه (اردو) ◈ ۽ منتخب احاديث (اردو) شامل ڪيا ويا آهن ◈ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان احاديث کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهربل موضوع جو به مطالعو ڪري سگهو ٿا ◈ سرچ آپشن جي مدد سان احاديث سرچ به ڪري سگهجن ٿيون ◈ حديثِ پاڪ جو عربي متن اعراب سان ۽ اعراب کان سواءِ، بنهي طرح ڊسڻ جي سهولت رکي وئي آهي ◈ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ لاءِ پسنديده احاديث کي Favorite ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي ◈ مختلف فونٽس ۽ احاديث شيئرنگ جي سهولت به ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪريو! پاڻ به حديثِ پاڪ جو فيضان حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڃاڻي ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست چا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: تصوير وارو ڪپڙو پائڻ جائز ناهي، گناهه آهي. وضاحت: عام طور تي هي ڏٺو ويو آهي ته ماڻهو پاڻ به ۽ پنهنجي ٻارن کي به تصوير واريون شرٽون پارائيندا آهن. ياد رکو! لباس تي جاندار جي تصوير ٻٽيل هجي ۽ ايتري وڏي هجي جو زمين تي رکي بيهي ڪري ڏسجي ته عضوا واضح نظر اچن، اهڙي تصوير وارو لباس پائڻ جائز ناهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ڪنهن جاندار جي تصوير جنهن ۾ ان جو چهرو موجود هجي ۽ ايتري وڏي (يعني واضح) هجي جو زمين تي رکي بيهي ڪري ڏسجي ته عضون جي تفصيل ظاهر ٿئي، اهڙي قسم جي تصوير جنهن ڪپڙي تي هجي ان جو پائڻ، پارائڻ يا وڪڻڻ سڀ ناجائز آهي ۽ ان کي پائي نماز پڙهڻ مڪروهه تحريمي آهي يعني اهڙي نماز ٻيهر پڙهڻ واجب آهي.[1]

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...فتاوٰی رضویه، جلد:24، صفحه:567۔

اَسماءُالحُسنیٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَامُؤَخِّرُ (اي پوئتي ڪندڙ مثلاً دشمنن کي ڏڪارڻ وارا)

جيڪو شخص ڪنهن به نماز کان پوءِ يَا مُؤَخِّرُ 100 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي دل الله پاڪ جي محبت ۽ ياد ۾ رهندي.[1]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مَدَنی پنج سوره، صفحه:259۔